علي آهي عالي - علي ٽيو آهي اعليٰ
علي ٽيو آهي والي - علي ٽيو آهي مولا
علي آهي افضل - علي ٽيو آهي اوليٰ
علي آهي نائب - ٽيو مصطفيٰ جـــو

تحفو

عـــيد غـــديـــر

تيار ڪيل
آصف علي جمو ن خان چنو
سابق سيڪريٽري انجمن فيض حسيني
نصرپور ضلع حيدرآباد

دفعو پهريون [ڪاپيون ۱۰۰۰]
(تقسيم خيراتي)

ملڻ جو هنڌ :- استو شاه محمد ميمڻ نصرپوري.
شاهي بزار ٽنڊو الهيار ضلع حيدرآباد

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

* عرض حال *

الحمد لله رب العالمين ہ والصلواة والسلام علي محمد سيد المرسلين و اهلبيت الطاهرين ہ

اما بعد روشن هجي تہ تاريخ ١٨ مهينو ذوالحج، عيد غدير جو ڏينهن آهي. اسانجي مولا و آقا امير المومنين و امام المتقين، مظهر العجائب والغرائب، قاتل كفار، دلدل هسوار، جناب علي عليہ السلام جن جي تاجپوشيءَ جو سڳورو ڏينهن آهي. ان جي مسرت ۾ سڀني اهلبيتن جي محبن کي مبارڪ باديءَ سان گڏ هي ڪتاب "تحفو عيد غدير" بہ خدمت ۾ عرض رکجي ٿو.

گر قبول افتد زهے عز و شرف

اهو ڪتاب جناب مرحوم مولوي محمد خان صاحب لغاري بلوچ جي ڪتاب ضياءُ المبين تان تيار ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ عيد غدير بابت سربستي حقيقت عرض رکي ويئي آهي. اميد تہ ان مان مومنين بهره ور ٿيندا

۾ جن حضرات کي پوريءَ طرح خبر نہ آهي تنجي بہ معلومات ۾ اضافو ٿيندو.

ٻيو عرض تہ هي ڪتاب پنهنجي خرچ تي اهلبيتن جي محبن ۾ مفت تقسيم ڪجي ٿو ۽ انجو ثواب جناب قبلہ خلد آشيان مرحوم سيد خادم حسين شاه رضوي سجاده نشين درگاه شريف نصرپور جنکي بخش ڪريان ٿو ۽ بارگاه ايزدي ۾ بعجز و انڪساري دعا آهي تہ قبلہ مرحوم سائين جنتي پنهنجي لطف ۽ ڪرم جو سايو مدامي فرمائي جنت عليين ۾ اهلبيتن جي جوار ۾ ڪين جاء عطا ڪرڻ فرمائي - آمين - ثم آمين.

۾ ناظرين ڪرام کي گذارش آهي تہ ڪتاب جي مطالع بعد سوره فاتحہ پڙهي قبلہ مرحوم سائين جن کي بخش ڪرڻ فرمائيندا تہ فدوي احسان مند رهندو. والسلام

٢١ اپريل ١٩٦٣ع

فدوي

آصف علي جمون خان چنو

سابق سيڪريٽري انجمن فيض حسيني

نصرپور ضلع حيدرآباد

* احوال عيد غدير *

از ڪتاب ضياءُ المبين مصنف جناب مولوي محمد خان لغاري بلوچ (مرتضائي)

عيد غدير جي ڏينهن جي ڀلائي

(صفح ٣٢٩ ۽ ٣٣٠)

تاريخ ١٨ ذوالحج عيد غدير آهي - انهيءَ ڏينهن بحساب شمسي تاريخ ٢١ مارچ عيد نوروز بہ آهي. خداوند عالم انهيءَ ڏينهن جملہ ارواحن کان پنهنجي وحدانيت جو اقرار ڪرايو ۽ انبيائن خواہ سندن وصين کان نبوت محمد يہ صلعم ۽ امامت علويہ عليہ السلام جو اقرار ورتو - ۽ انهيءَ ڏينهن آفتاب طلوع فرمايو ۽ درختن ۾ گل ڦل پيدا ڪرڻ جي هوا لڳي ۽ حضرت نوح عليہ السلام جي ٻيڙي جودي جبل تي ٺهري ۽ طوفان بند ٿي ويو - ۽ حضرت خرقيل جي دعا مان ٽيهہ هزار ماڻهو جيڪڙا ٿيا جي طاعون (پليگ) ۾ مري ويا هوا ۽ حضرت خليل الله انهيءَ ڏينهن بت شڪني ڪئي ۽ ماڳئي ڏينهن وري متس آڙاہ ٿڌو ٿي ويو حضرت ايوب کي انهيءَ ڏينهن شفا حاصل ٿي. ۽ حضرت يونس انهيءَ ڏينهن مڇيءَ جي شڪم مان

نڪتو ۽ حضرت يوسف کي انهي ڏينهن چاه ڪنعان
مان خلاصي حاصل ٿي. حضرت موسيٰ کي انهيءَ ڏينهن فرعون
جي جادوگرن تي فتح حاصل ٿي ۽ حضرت عيسيٰ
انهيءَ ڏينهن آسمان تي عروج فرمايو ۽ حضرت رسول
خدا صلعم تي انهي ڏينهن نبوت نازل ٿي ۽ ساڳئي
ڏينهن هجرت فرمايائون ۽ ساڳئي ڏينهن معراج تشريف
وٺي ويا ۽ حضرت علي المرتضيٰ عليہ السلام جي وليعهدي
انهي ڏينهن خم غدير ۾ واقع ٿي ۽ (انهيءَ ڏينهن
حضور صلعم جن کي دين جي مڪمل ٿيڻ جو
سرٽيفڪيٽ خداوند تعاليٰ کان عنايت ٿيو. فدوي)
۽ انهيءَ ڏينهن حضرت علي المرتضيٰ عليہ السلام ظاهري
خلافت تي رونق افروز ٿيو ۽ انهيءَ ڏينهن حضرت
صاحب الزمان عجل الله فرجه عليہ السلام ظهور فرمائيندو
۽ انهيءَ ڏينهن حضرت عيسيٰ آسمان کان نزول فرمائي
حضرت صاحب الزمان عجل الله فرجه جـــي پٺيان نماز
پڙهندو ۽ انهيءَ ڏينهن دجال ابطال قتل ٿيندو ۽ اهو
ڏينهن نوروز عالم افروز مومنين جي خوشيءَ جو
آهي. مومنين کي عيد غدير ۽ نوروز مبارڪ ٿئي.
آمين. ثم آمين. (از ثبوت خلافت جلد اول صفحه
۲۸۹ وغيره.)

حجتہ الوداع

(صفحہ ۳۰۱ ۽ ۳۰۲)

جناب حضرت رسول خدا جو اهو آخري حج هو۔ تاريخ ۱۵ ماه ذوالقعد سنہ ۱۰ هجري مدينہ منوره مان حج لاء تشريف فرما ٿيا۔ ماڻهن کي هن آخري حج جي خبر ڏني ويئي هئي۔ تنهنڪري هن حج تي بروايت هڪ لک چوويهہ هزار ماڻهو جمع ٿي ويا ۽ آنحضرت جن تاريخ ۴ ذوالحج مکي معظمہ ۾ خير سان پهتا ۽ يمن کان حضرت علي المرتضيٰ عليہ السلام جو قافلو بہ پهچي ويو ۽ حضرت رسول خدا صلعم حضرت علي المرتضيٰ عليہ السلام کي احرام پڌل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو۔ آنحضرت صلعم جن چاهٺ (٦٦) اٺيون ۽ حضرت علي مرتضيٰ چونٽيهہ اٺيون قربانيءَ لاء آنديون هيون۔ اهو اعجاز رسالت ۽ امامت جو هو جو برابر پوريون هڪ سو اٺيون ٿيون۔ اجان آنحضرت جن عرفات جي رستي ني ئي هوا تہ هي آيت شريف سورة الم نشرح جي نازل ٿي، "فاذا فرغت فانصب و الى ربک فرغب ٥ (پاره ۳۰) (اى رسول) جڏهن تون (اعمال حج) کان فارغ ٿين تڏهن (پنهنجو) ولي عهد

مقرر ڪر ۽ پنهنجي رب جي طرف راغب ٿي - (يعني
هن دنيا فانيءَ مان ڪوچ ڪر.) جمع جـــي ڏينهن
صبوح جو آنحضرت صلعم جن جبل عرفات تي داخل
ٿيا ۽ سج لهڻ بعد پنهنجي اٺ قصوا تي سوار ٿي
نهايت فصاحت ۽ بلاغت سان خطبو پڙهڻ فرمايو (جا
سنت اڄ ڏينهن تائين اسلام ۾ جاري آهي) جنهن ۾
پند و نصائح ۽ آخري وصيتون فرمايائون ۽ سيني
ساٿين کي پنهنجي رحلت جـــي خبر ارشاد فرمائي ۽
حديث شريف ثقلين فرمايائون - اني تارڪ فيڪم الثقلين
ڪتاب الله و عترتي و اهلبيتي - مـــا ان تمسڪتم بهما لن
تضلو بعدي لـن يتفترقا حتي يردا علي الحوض - ترجمون -
اوهان ۾ ٻه ڳريون شيون ڇڏيان ٿو (هڪ) ڪتاب الله
(ٻيو) منهنجا اهلبيت - جيسين اوهين (ٻنهين) جي
پيروي ڪندا ته هرگز گمراه نه ٿيندا - اهي ٻئي هڪ
ٻئي کان جدا نه ٿيندا يون جيستائين مون وٽ حوض
ڪوثر تي اچن (مشڪوات شريف باب مناقب اهلبيت النبي
جلد ٨ صفحہ ١٣٣ - المعلم ترجمع صحيح مسلم باب
مناقب اهلبيت جلد ٥ صفحه ٢٤٠٢ مطبع صديقي لاهور -
ازالت الخفا صفحه ٢٥٩ مؤلف شاه ولي الله دهلوي -)
پوءِ خدا جو حبيب خواجهءِ عالم صلعم حاضرين اصحابن

كرامن كي فرمانبرداري، اطاعت كتاب الله ۽ اهلبيت عليهم السلام جي رغبت ڏياري، آنحضرت صلعم جن ناقه قصوا تان خير جو لٿا ۽ بلال اذان ڏني ۽ عرفات تي اڳين ۽ وچين جون نمازون گڏي پڙهڻ فرمايائون (اها سنت به اڄ تائين اهل اسلام ۾ جاري آهي-) وري ڪوچ فرمايائون- مزدلفه تي سانجهيءَ ۽ سومهاڻي جي نماز گڏي پڙهيائون- (اها سنت به اڄ تائين اهل سنت ۾ جاري آهي-) ۽ صبوح جو منيٰ ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ هڪ سو اٺين جي قرباني فرمايائون- جنهن ۾ ڇوٽيهه انيون حضرت علي مرتضيٰ پنهنجي دست مبارڪ سان نحر ڪيون- اهڙيءَ طرح نبي ۽ سندس وصي قربانيءَ ۾ شريڪ ٿيا- تنهن کان پوءِ خداوند عالم جي پياري خاتم النبيين سيد المرسلين عليه الصلوات والسلام مناسڪ الحج ۽ طواف الوداع بيت الله شريف جي بعد مديني منوره روانا ٿيا.

واقعات خم غدير

(صفح ٣٠٣ کان ٣٠٦ تائين)

جناب سرور عالم عليه الف الصلواة تاريخ ١٤ ذوالحج مکي معظم کان روانو ٿي ١٨ ذوالحج ١٠ هجري

مطابق ١٠ اپريل سنه ٦٣٠ع مقام خم غدير تي پهتا، جو حوالو حجفه ۾ آهي. جتان وري مختلف رستا نڪرن ٿا. اتي هڪ پاڻيءَ جي ڪنڌ يعني چشمون آهي جنهن ڪي اڄ ڏينهن تائين به خم غدير چون ٿا. آنحضرت جن تي آثار وحيءَ جا شروع ٿي ويا ۽ هي آيت شريف سخت تاڪيد (حڪم) واري نازل ٿي. يا ايهالرسول بلغ ما انزل اليڪ من ربڪ ط و ان لم تفعل فما بلغت رسالته والله يعصمڪ من الناس ه (سورت مائده پاره ٦ رڪوع ٩). اي رسول جي احڪام تو تي تنهنجي رب جي طرف ڪان نازل ٿيا آهن، اهي ماڻهن کي پهچايو. جيڪڏهن تو ائين نه ڪيو (يعني نه پهچايو) ته سمجهيو ويندو ته تو خداوند عالم جو ڪوبه پيغام نه پهچايو آهي ۽ الله تو کي ماڻهن (منافقن) جي شر کان محفوظ رکندو. (از ترجمون مولوي نذير احمد صفحه ١٧٨) خداوند عالم جي انهيءَ تاڪيدي حڪم تي، جي قافلي وارا اڳي لنگهي ويا هئا تنکي واپس گهرايو ويو ۽ پوين جو انتظار فرمايو. جڏهن سڀ اچي جمع ٿيا ۽ حضرت بلال جي آواز حي علي خيرالعمل تي تمام حاجين کان سواءِ بحسب تحقيق جان ڊيون پورٽ جي قريب و جوار جي يهودين، نصرانين ۽ ٻين

باشندن کي به گهرايو ويو- انن جي پلاڻن جو ممبر جوڙيو ويو. گرميءَ جي شدت جي وقت جناب حضرت سرور عالم عليہ الصلوات والسلام ممبر تي تشريف آوري فرمائي ۽ حضرت علي مرتضيٰ عليہ السلام کي پنهنجي ساڄي پاسي تي وهاريو ۽ خطبو فرمايو- قرآن شريف ۽ اهلبيت کرام جي فرمانبرداري جي تاڪيد فرمائيندي حاضرينن کي مخاطب ٿي فرمايو ته:-

اي مسلمانو! ڀيريائين آءٌ خداوند عالم جي انهن نعمتن جو شڪر ڪريان ٿو جي منهنجي ذات ۾ آهن- تنهن کان پوءِ خداوند عالم کان انهيءَ امتحان ۽ بلا ني مدد گهران ٿو جي منهنجي عترت اهلبيت تي پوڻ واريون آهن- ۽ آئون گواهي ڏيان ٿو ته خداوند عالم کان سواءِ ڪوبه عبادت جو لائق نه آهي، اهو اڪيلو ۽ بي نياز آهي- آءٌ سندس بندن مان هڪ بندو آهيان- تمام مخلوقات تي مون کي پيغمبر ڪري موڪليو ۽ خداوند عالم تمام اولين و آخرين مان مونکي منتخب فرمايو آهي- ۽ مون کي پنهنجي خزاني جون ڪنجيون عطا فرمايون آهن ۽ مون سان پنهنجو عهد پختو فرمايو آهي ۽ پنهنجو راز مون وٽ امانت رکيو آهي ۽ مدد ڏني انس جو مون کي بصارت حاصل ٿي آهي- آئون فاتح

۾ خانم آهيان- اي لوڪو! خداوند عالم ڪان ڊڄو
۽ اسلام وارا (مسلمان) تي مرو- مون ڪان پوءِ ڪي
قومون اهڙيون ٿينديون جي مون تي ڪوڙ ٻڌنديون
۽ ماڻهو سندن ڪوڙن کي قبول ڪري وٺندا- پناه
بخدا، آئون سندس حڪم ڪان سواءِ ڪجهه به ڪري
نه ٿو سگهان- سواءِ حڪم خداوند عالم جي ٻئي طرف
اوهان کي نٿو ڪوٺيان- جي ماڻهو ظالم آهن اهي
ڇاڻي وٺندا ته اهي ڪهڙي پاسي بدلجي ويندا.

اها تقرير ٻڌي حضرت عباده پٽ صامت انصاري
اٿي خدمت ۾ عرض ڪرڻ لڳو ته يا حضرت اهي
ڪهڙا ماڻهو آهن؟ حضور جن ٻڌائڻ فرمائين ته اسين
گوشو ڪريون؟ جناب حضرت سرور عالم صلعم جن
فرمايو ته اهي ماڻهو (منافق) آهن جي دشمنيءَ لاءِ
ابتدا ڪان تيار آهن- ۽ پنهنجي ڪلي مبارڪ تي هٿ
رکي فرمايو ته جڏهن منهنجي جان هيسيتائين پهچندي
انهيءَ وقت اهي ماڻهو (منافق) ظاهر ٿيندا- تڏهن
عباده عرض ڪرڻ لڳو ته يا حضرت جڏهن اهو وقت
اچي ته اسين ڪنهن جي تابعداري ڪريون- تڏهن
آنحضرت صلعم فرمايو ته منهنجي عترت (اهلبيت) جي،
اطاعت ڪجو جي سڀ ڪان پيش قدم ۽ افضل آهن-

۽ اهي منهنجي نبوت جي علم جا (خزاني دار) آهن - اهي اوهان کي گمراهي کان بچائيندا ۽ نيڪيءَ جي طرف کوٺيندا - اهي اهل حق آهن، اهي سچائيءَ جا مالڪ آهن - ڪتاب (خدا) ۽ منهنجيءَ سنت کي اوهان جيئرو رکندا - بدعت ۽ الحاد کي (اوهان کان) ڏور ڪندا - حق جي وسيلي اهل باطل کي پوئتي هٽائيندا ۽ ڪنهن جاهل جي طرف اوهان کي ميلان نہ ڪرڻ ڏيندا - اي اصحابو! خداوند عالم مونکي ۽ منهنجي اهلبيت (علي، فاطمہ، حسن ۽ حسين عليهم السلام) کي هڪڙي خاڪ مان پيدا ڪيو آهي ۽ ٻيو ڪوبہ تنهن مان پيدا نہ ٿيو آهي ۽ اسين ڀرپائين پيدا ٿيا آهيون جو خداوند عالم اسان جو نور ڀرپائين خلق فرمايو آهي ۽ منهنجي علم جا عالم ۽ منهنجي اسرار جا خازن ۽ اهل زمين جا سردار منهنجا اهلبيت آهن- ۽ حق جي طرف دعوت ڪندڙ ۽ پوئتي نہ هٽندڙ ۽ پير نہ ڏڪائيندڙ ۽ خداوند عالم جي عهد کي نہ ٽوڙيندڙ آهن- هي اهي هادي آهن جي هدايت يافتہ آهن ۽ نيڪ امام آهن- جو بہ شخص سندن اطاعت ۽ ولايت وٺي مون وٽ ايندو اهوئي هدايت يافتہ آهي ۽ جو ڪائنڻ ڦري ويو (يعني سندن اطاعت نہ ڪئي)

۽ سندن عداوت وٽي سون وٽ آهو ته اهو گمراه آهي- سندن محبت ايمان ۽ سندن بغض نفاق آهي- ۽ اهي آئمه (يعني ٻارهن امام) هدايت ۽ احڪام خدا جـي مضبوط رسي آهين- انهن جي فرمانبرداري ڪرڻ ڪري اعمال مڪمل ٿين ٿا- انهن جي محبت جو خداوند عالم هميشه اولين ۽ آخرين ڪان عهد وٺندو رهيو آهي هي اهي آهن جن جو قسم خداوند عالم پنهنجي ڪلام پاڪ جي آيت والتقوالله الذي الي آخره ۾ ڏياريو آهي- ۽ آيت قل لا اسئلڪم عليه اجرا الاالمودة في القربيٰ جي موجب اوهان کي منهنجي اقربائن سان محبت رکڻ جو حڪم فرمايو آهي- ۽ ڪين هر عيب ۽ نجاست کان ڏور ڪري پاڪ ۽ پاڪيزو ڪيو آهـي- اهي منهنجا اهلبيت جو ڳالهائين ٿا اهو نهايت سچائي سان ۽ جنهن وقت ڪاڻون ڪا ڳالهه پڇي وڃي ٿي تنهن وقت وڏا عالم آهن- (اهو اشارو خاص حضرت دوازده امام عليهم السلام ڏانهن آهي) ۽ منهنجي اهلبيت ۾ ڏهه خصلتون آهن جو انهن کان سواء ڪنهن کي حاصل نه ٿيون آهن.

١- بردباري ٢- علم ٣- نبوت ٤- بزرگي ٥- سخاوت ٦- شجاعت ٧- راست گوئي ٨- پاڪيزگي ٩- عفت

١٠- قضائيت . اهي كلمه تقويٰ آهــن - ۽ اهي وسيله هدايت آهن - ۽ وڏي حجت خداوند عالم حي (تمام مخلوقات تي) آهن ۽ خدا ۽ ٻندن جي وچ ۾ مضبوط رسي آهن ۽ جو ڪجهه اسين چئون ٿا (ڪوش ڏيئي ٻڌو) سونکي منهنجي پروردگار جو تاڪيدي حڪم آيل آهي تہ حضرت علي کي پنهنجو خليفو مقرر ڪريان ۽ حضرت علي مرتضيٰ عليہ السلام جو ٻازو پڪڙي اپترو مٿي ڪنيون جو آنحضرت صلعم جن جي بغل مبارڪ جي سفيدي ظاهر ٿي- ۽ فرمايائون من ڪنت مولاه فهاذا علي مولاه - اللهم وال من والاه و عاد من عاداه والنصر من نصره و الخذل من خذله- ترجمون- جنهن جو آءٌ سردار آهيان، علي تنهنجو سردار آهي- يا خدا د وست رکہ تنهن کي جو هن (علي) کي دو ست رکي ۽ دشمن رکہ تنهن کي جو هن (علي) سان د شمني رکي ۽ مد د ڪر تنهن سان جو هن (علي) سان مدد ڪري- اي مسلمانو! منهنجي اهلبيت جي باري ۾ ٽي مرتبا اهو خدائي فرمان نازل ٿــي چڪو آهي تہ اهي (ٻارهن امام) مسلمانن جا سردار آهن ۽ نيڪو ڪارن جا امام آهن - روشن پيشاني وارن (مومنن) کي سڃائندڙ آهن- اي مسلمانو! جيڪي

مون کي (اڄ) خداوند عالم حڪم فرمايو آهي، اهو مون اوهان کي پهچائي ڏنو آهي ۽ آءٌ اوهان ۽ کين خداوند جي سپرد ڪريان ٿو. (ڪتاب توضيح الدلائل سيد شهاب الدين احمد حنبلي سني ۽ ڪتاب عبقات الانوار جلد غدير ۽ ارجح المطالب صفحه ٦٢٧ ۽ تاريخ احمدي صفحه ٩٠ ۽ مرقع الاسلام در حالات خيرالانام صفحه ١٩٠ ۽ ڪنزالعمال جلد ٦ صفحه ٩٣٠ حديث نمبر ١٥٤ ۽ مشڪوات شريف باب مناقب سيدنا علي.)

نزول آيت شريف اليوم اڪملت

(صفحه ٣٠٦ ۽ ٣٠٧)

حضرت سرور ڪائنات خواجه عالم صلي الله عليه و آله و سلم پنهنجي فصيح و بليغ تقرير دوباره ولايت ۽ امامت ۽ ولي عهدي حضرت اميرالمومنين علي مرتضيٰ عليه السلام جي لاءِ فرمائي، احڪام الاهي پهچائي چڪو ۽ ممبر کان هيٺ تشريف فرمائي ته هيڏانهن بشارت لاءِ هي آيت اليوم اڪملت لڪم دينڪم واتممت عليڪم نعمتي و رضيت لڪم الاسلام ديناه (سوره مائده پاره ٦) حضرت جبرئيل عليه السلام وٽي خدمت اقدس شفيع المذنبين و رحمت اللعالمين ۾ حاضر

ڏيو- حضور انور تڪميل دين ۽ اتمام نعمت ۽ پسنديدگي دين اسلام ۽ پنهنجي رسالت ۽ ولايت ۽ خلافت حضرت اميرالمومنين علي مرتضيٰ عليہ السلام کان خداوند عالم جي رضامندي جي بشارت ٻڌي الله اڪبر جو نعرو فرمايو ۽ سجدي شڪر ۾ جهڪي ويو. (تفسير در منثور جلد ٢ صفح ٢٥)

حضرت عمر رضہ خليفي کي حضرت جبرئيل عليہ السلام جو تاڪيد

حضرت علي عليہ السلام جي ولايت ۽ خلافت لاءِ

(صفح ٣٠٧)

حضرت عمر خود روايت ڪري ٿو ته جڏهن حضرت رسول خدا خم غدير ۾ حديث من ڪنت مولاهُ فعلي مولاهُ فرمائي، حضرت علي مرتضيٰ کي پنهنجو ولي عهد مقرر فرمايو، تڏهن منهنجي پاسي ۾ هڪ نوجوان خوبصورت خوشبوءِ دار ويٺو هو- مونکي چوڻ لڳو ته اي عمر! حضرت رسول خدا صلعم (حضرت علي مرتضيٰ جي ولي عهدي لاءِ) گنڍ ٻڌي آهي منافق کان سواءِ ڪوبہ تنهن کي نہ کوليندو (يعني نہ ٽوڙيندو) خبردار ٽجانءِ متان تون نہ ان کي کولين-

حضرت عمر چوي ٿو ته اها خبر مون حضرت رسول خدا صلعم سان وحي ڪئي. تڏهن فرمايائون ته اهو اولاد آدم مان نه هو مگر حضرت جبرئيل عليه السلام هو. سڀني کي فرمان لاءِ توکي تاڪيد ڪرڻ آيو هو انهن جملن جو جي حضرت علي مرتضيٰ عليه السلام جي ولايت ۽ خلافت لاءِ چيا اٿم. (ڪتاب مودة القربيٰ سيد علي همداني شافعي صفح ٣٢ سٽ ۴ ۽ روضة الصفا ۽ حبيب السير ۽ ارجح المطالب صفح ٦۴٧ تاريخ الانبيا جلد سوم صفح ٧٢ و تاريخ اسلام دهلوي ۽ مرقع الاسلام في حالات خير الانام صفحه ١٩٠).

دستار بندي حضرت علي مرتضيٰ عليه السلام جي ته يوم غدير

(صفح ٣٠٧ ۽ ٣٠٨)

بعد خطبي جي حضرت رسول خدا صلعم حضرت علي مرتضيٰ عليه السلام جي دستار بندي جي رسم ادا فرمائي.

الف - حضرت رسول خدا صلعم جو خاص هڪ خاص عمامو هو جنهن جو نالو سحاب رکيو ويو هو جو آنحضرت صلعم حضرت علي مرتضيٰ کي ته يوم غدير ٻڌايو.

ب - حضرت علي مرتضي عليہ السلام خود روايت ڪري ٿو ته حضرت سرور عالم عليہ الف الصلوات مون کي ارشاد فرمايو ته: خداوند عالم بدر و حنين جي ڏينهن لڙائي ۾ اسان جي مدد اهڙن ملائڪن سان فرمائي جي عمامہ پوش هوا. جو عمامو مسلمانن ۽ مشرڪن جي وچ ۾ فرق ڪندڙ آهي ۽ اها حديث آنحضرت صلعم جن مون سان تنهن وقت فرمائي جنهن وقت يوم غدير منهن جي مٿي تي پنهنجي دست مبارڪ سان دستار بندي ڪئي ۽ سندس ڇيڙو منهنجي ڪلهن تي لٽڪايو ويو هو. (عبقات الانوار جلد دوم صفحہ ٣٠٣- ۽ ڪنزالعمال جلد ٨ صفحہ ٦٠ ۽ تاريخ خميس عربي جز ثاني مطبوعہ مصر ۽ توضيح الدلائل علي ترجيح الفضائل شهاب الدين احمد شافعي.)

سڀني اصحابن خواه اهل حرمن سڳورن حضرت علي مرتضي

عليہ السلام کي مبارڪ ڏيئي بيعت ڪئي

(صفحہ ٣٠٨ ۽ ٣٠٩)

حضرت رسول خدا دستار بندي ۽ جي رسم حضرت علي مرتضي عليہ السلام جي لاءِ ادا فرمائي سجدو شڪر

جو ادا فرمايو ۽ تنهن کان پوءِ حڪم فرمايائون تہ منهنجي خيمي جي برابر منهنجي ولي عهد حضرت علي مرتضيٰ عليہ السلام جو خيمو نصب ڪيو وڃي. جڏهن فرمان موجب حضرت علي مرتضيٰ عليہ السلام جو خيمو نصب ڪيو ويو، تڏهن حضرت سرور عالم صلعم حڪم صادر فرمايو تہ هاڻي سيڪو ماڻهو خاص توڙي عام حضرت علي مرتضيٰ عليہ السلام جي خيمي ۾ وڃي بلفظہ امير المومنين چئي حضرت علي مرتضيٰ عليہ السلام کي سلام ڪري ۽ کيس ولي عهد هجڻ جي مبارڪ باد ڏيئي بيعت ڪري. سڀني اصحابن حضرت ابو بڪر سميت تعميل ارشاد نبوي صلعم جي ڪري وليعهدي جي مبارڪ باد ڏيئي بيعت ڪئي ۽ خاص ام المومنين حرمن آنحضرت صلعم جي حڪم نبوي صلعم موجب حضرت علي عليہ السلام جي بيعت ڪري وليعهدي جي مبارڪباد ڏني. مگر خليفہ دويم جي مبارڪ باد هڪ عجيب نموني جي ٿي آهي. جنهن مان ناظرينن تي پوري روشني پوندي. بخ بخ لڪ يا ابن ابي طالب لقد اصبحت مولائي و مولي ڪل مومن و مومنہ ه ترجمون. مبارڪ مبارڪ هجي اي پٽ ابي طالب جا، جو تون منهنجو ۽ سڀني مومنن ۽ مومنياڻين جو آقا (سردار) مقرر ٿيو آهين.

(از كتاب ارجح المطالب صفحه ٦٦٧ ۽ روضة الاحباب جلد دوم ۽ روضة الصفا ۽ تاريخ الانبيا جلد دوم ۽ تاريخ احمدي صفحه ٩١ ۽ تاريخ اسلام جلد دوم دهلوي)

(ان كان پوءِ حسان بن ثابت مٿين حقيقن جو قصيدو تفصيلوار پڙهيو. طوالت جي سبب اهو جنسي درج نہ ڪيو ويو آهي.)

(ڏسو عبقات الانوار جلد غدير ۽ ارجح المطالب صفحه ٦٦٩)

حضرت علي المرتضيٰ جي وليعهدي سابقين انبيائن جي طريقي تي

قائم ٿي آهي

(صفحه ٣١٨)

چاليهن گهرجي تہ سيني نبين پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجا ولي عهد (جانشين) مقرر ڪري ڇڏيا. تنهن ڪري حضرت رسول خدا صلعم بفرمان الاهي آيت شريف ولن تجد لسنت الله تبديلاه موجب پنهنجو ولي عهد (جانشين) پنهنجي حياتيءَ ۾ اڳين پيغمبرن جي سنت موجب فرمان الاهي سان مقرر فرمائي اها سنت قائم فرمائي. حضرت آدم صفي الله عليہ السلام

پنهنجو ولي عهد حضرت شيث کي ڪيو، تنهن نوش کي، تنهن قينان کي، تنهن مهلائيل کي، تنهن برد کي، تنهن ادريس کي، تنهن متوشلخ کي، تنهن لمڪ کي، تنهن حضرت نوح کي ۽ تنهن سام کي ڪيو- روضته الصفا جلد اول صفحه ۴٢ ۾ آهي ته حضرت ابراهيم خليل الله عليه السلام اسماعيل ۽ اسحاق کي ڪيو، تنهن يعقوب کی ۽ تنهن يوسف کي ڪيو. ۽ روضته الصفا جلد اول صفح ٩٣ ۾ آهي ته حضرت موسيٰ عليه السلام هارون کي ڪيو ۽ ان جي وفات ڪرڻ بعد يوشع بن نون کي ڪيو- ۽ روضته الصفا جلد اول صفح ١٣٦ ۾ آهي ته حضرت عيسيٰ عليه السلام پنهنجو وصي شمعون حواريء کي ڪيو- ۽ آيت شريف و ورث سليمان دائود جي بناء تي حضرت دائود پنهنجو وليعهد سليمان کي مقرر فرمايو آهي.

هائي ظاهر ٿي ويو ته پيغمبرن جي ولي عهد جي مقرري خداوند عالم جي اختيار ۾ آهي- (ذسو اني جاعل في الارض خليفه). مٿين مثالن مان معلوم ٿيو ته خداوند عالم جي سنت (قانون) ۾ بموجب قرآن ڪريم جي اصل تبديلي ٿي نٿي سگهي.

هاڻي ويچار ۽ انصاف ڪرڻ گهرجي ته آنحضرت رسول خدا صلعم اهڙي بزرگ ۽ اهم ڪم کي نا تمام ڇڏي امت جي سپرد فرمائي، قيامت تائين تفريق ۽ فساد جو ٻج پوکي وڃي، اهو هرگز ٿئي نٿو سگهي.

حارث بن نعمان فهري منافق جو واقعو

(صفحه ٣١٨-٣١٩)

صاحب تفسير ثعلبي سنت جماعت جو وڏو عالم پنهنجي تفسير ۾ تحرير ڪري ٿو ته جڏهن آنحضرت صلعم خم غدير تي حديث من ڪنت مولاه فعلي مولاه فرمائي، حضرت علي المرتضي عليه السلام کي پنهنجو ولي عهد مقرر ڪرڻ فرمايو ۽ سڀ ماڻهو خاص توڙي عام بيعت ڪري چڪا، تڏهن حارث بن نعمان فهري جو هڪ سرڪش ماڻهو هو، سو اها خبر ٻڌي هڪدم پنهنجي اٺ تي چڙهي اچي لٿو ۽ حضرت رسول خدا صلعم جي حضور ۾ اچي عرض ڪرڻ لڳو ته يا محمد! تو اسان کي ڪلمون توحيد پڙهايو جو اسان پڙهيو

پوءِ تو اسان کي پنج وقت نماز ۽ رمضان
جي روزن رکڻ لاءِ حڪم ڏنو، اهو به مڃيوسون.
تنهن تي اوهين راضي نه ٿيا جو پنهنجي چاچي جي پٽ
۽ سوٽ عليءَ کي اسان تي حاڪم مقرر ڪيو. اهو
حڪم اوهان جي طرفان ٿيو آهي يا خدا جي طرفان؟
تڏهن آنحضرت صلعم ارشاد فرمايو ته مون کي قسم
آهي خداوند عالم جو جنهن کان سواءِ ٻيو ڪو به
خدا نه آهي، اهو حڪم (علي مرتضيٰ جي ولي عهدي
بابت) مون خداوند عالم جي فرمان موجب ڪيو آهي.
اها ڳالهه ٻڌي حارث بن نعمان فهري هيئن چوندي
پنهنجي اٺ ڏانهن موٽيو ته جي محمد سچو آهي ته
مون تي آسمان کان پٿر وساءِ ۽ دردناڪ
عذاب نازل ڪر. اڃان پنهنجيءَ اٺ تائين به نه پهتو
ته آسمان کان پٿر ڪريو جو مٿي ۾ لڳي دبر مان
وڃي نڪتس، يڪدم في النار ٿيو. تنهن وقت خداوند
عالم حضرت رسول خدا صلعم تي هيءَ آيت نازل
فرمائي سال سائل بعذاب واقع للڪافرين ليس له دافع
ذي المعارج ٥ (سورت المعارج پاره ٢٩) ترجمو. هڪ
گهرڻ واري عذاب گهريو جو ڪافرن جي لاءِ آهي.
ڪير ڪو به دفع ڪري نه ٿو سگهي. هي (عذاب)

خاص الله جي طرفان آهي. (ڏسو تفسير ثعلبي ۽ ارجح المطالب صفحہ ٦٦٩ ۽ تاريخ اسلام جلد دوم صفحہ ١٥٨ ۽ تفسير سراج المنير جلد ۴ صفح ٣٩۴ ۽ رسالو نظام المشائخ دهلي ماه آگسٽ ١٩٣٠ع.)

ان کان بعد مولوي صاحب جي ڪتاب ضياءُ المبين ۾ هيٺيان مضمون آهن جي طوالت جي سبب درج ڪرڻ کان گريز ڪيو ويو آهي. فدوي

١- صفح ٣١٩، ١٢٠، ٣٢١- خم غدير جي ولي عهدي بابت گواهي لڪائيندڙن تي عذاب خدا جو نازل ٿيڻ.

٢- صفح ٣٢٢ کان ٣٢۴- يورپين مورخن جا حضرت علي مرتضيٰ عليہ السلام جي غديري وليعهدي جا رايا.

٣- صفح ٣٢۴ کان ٣٢٦- مولوي صاحب ثابت ڪيو آهي ته مولا جي معنيٰ سردار آهي مگر دوست نه آهي. (اهو فقط اهلبيتن جي دشمن علي عليہ السلام جي شان کي گهٽائڻ ۽ انهي واقعي کي لڪائڻ لاءِ ڪيو ويو آهي.)

۴- صفح ٣٢٦ ۽ ٣٢٧- واقع غدير جن اهلبيتن

۽ اصحابن ڪرامن بيان ڪيو آهي تن مان ٩٨ بزرگوارن جا نالا ڏيکاريا اٿس.

٥- صفحه ٣٢٨ ۽ ٣٢٩- واقعي غدير جي متواتر هئڻ ۾ اهل سنت جي علمائن ۽ ڪتابن جا حوالا ڏنا اٿس.

حضرت رسول خدا صلعم جي خم غدير جي واقعي بعد مديني منور ڏانهن روانگي

صفحه ٣٣٠ ۽ ٣٣١

جڏهن تمام امور متعلق تبليغ احڪام خداوندي خم غدير ۾ پورا ٿيا ۽ خدائي دين ڪامل ٿيو ۽ تمام رسومات ولي عهدي ۽ جاء نشين خلافت و ولايت ۽ دستار بندي حضرت شاه مردان علي مرتضيٰ عليه السلام جون پوريون ٿي چڪيون ۽ تمام اصحابن ڪرامن محترمن رضي الله عنهما حضرت علي المرتضيٰ عليه السلام جي مولي المومنين ۽ ولي عهدي مڃي ورني، تڏهن الله جي پياري حضرت رسول مقبول صلي الله عليه و آله و سلم مديني منور ڏانهن ڪوچ

فرمايو ۽ تمام حاجين جا قافلا پنهنجي پنهنجي وطن ڏانهن روانا ٿي ويا - انهيءَ خم غدير جي واقعي کان پوءِ آنحضرت صلعم هن دنيائي فانيءَ ۾ فقط ٧٠ يا ٧١ ڏينهن حيات رهيا.

آخري گذارش از فدوي

هاڻي مٿين مضمونن مان ناظرين ڪرام کي چڱيءَ طرح معلوم ٿي چڪو ته جناب علي عليه السلام جي ولايت ۽ وصايت جو اعلان حضورجن، خداوند عالم جي تاڪيدي حڪم مان، خم غدير تي سر انجام ڏنو. قولي به ۽ فعلي به - ان بعد تنبو لڳارائي، منزل انداز ٿي، دستار بنديءَ جي رسم ادا ڪرڻ فرمائي- اصحابن سڀني ۽ حرمن محترمن بيعت ڪري مبارڪون ڏنيون- سڀني مسلمانن خوشيون ملهايون - شاعرن قصيدا پڙهيا ۽ حضورجن شڪر جو سجدو ادا ڪيو - تاڪيدي حڪم اهڙو ته سخت هو جو جيڪڏهن اهو ڪم حضورجن سر انجام نه ڏين ها ته ان وقت تائين جيڪو به اسلام جي تبليغ جو ڪم سر انجام ڏنو هوائون سو جيڪر ضايع ٿي وڃي ها ۽ جڏهن اهو ڪم سر انجام ڏنائون تڏهن دين جي مڪمل

هئڻ جي بشارت ڪين خدا ڪان عنايت ٿي - ان مان
اٿين ثابت ٿيو ته علي عليه السلام جي ولايت ۽ وصايت
جي اعلان ٿيڻ بعد ئي دين مڪمل ٿيو - ۽ اٿين به
ثابت ٿيو ته اسلام وارن جي دين جي مڪمل هجڻ
جو دارو مدار به علي عليه السلام جي ولايت ۽ وصايت
جي مڃڻ تي آهي - جيئن حضورجن حڪم ڪرڻ
فرمايو ته سڀئي مسلمان علي عليه السلام کي اميرالمؤمنين
مان سڏي مبارڪ ڏيئي وڃي بيعت ڪن ۽ مسلمانن
اٿين ڪيو - مگر افسوس! حضورجن جي اکين پورڻ
ڪان پوءِ دنيا سڀ ڳالهيون پلائي ڇڏيون ۽ اهلبيتن
جي مخالفت تي ڪمر ڪشي بيٺا - ڪتاب پڙها پيا
آهن ته اهلبيتن سان ڇا ڇا ٿي گذريو آهي - جيڪڏهن
تفصيلوار احوال لکجن ته هڪ خاصو موچارو ڪتاب
تيار ٿي سگهي ٿو . مختصر هي آهي ته اهلبيتن جي
ڪڏهن روضو رسول الله صلعم جو ۽ اباڻو وطن ڇڏيو
ته به انهيءَ مخالفت جي ڪري - شهيد ٿيا ته به انهيءَ
مخالفت جي ڪري - رسول الله صلعم جي عترت ۽
لياڻين ڪان چادرون ڦري، مٿا اگهاڙا ڪري بنا ڪجاون
پٺيءَ اگهاڙن اٺن تي، بازو (ٻانهون) ٻڌي قيد ڪري،
شهر بشهر ڦيرايو ويو ته به انهيءَ مخالفت جي ڪري

اهلبيتن جون قبرون هڪ جاء تي گڏ ٺهڻ نہ ڏنيون ويون تہ بہ انهيءَ مخالفت جي ڪري۔ يعني ڪنهن جي قبر شام ۾ تہ ڪنهن جي عراق ۾ تہ ڪنهن جي ايران ۾ تہ ڪنهن جي ڪٿي تہ ڪنهن جي ڪٿي۔ اسلام ۾ هيترا فرقا ٿيا تہ بہ انهيءَ مخالفت جي ڪري۔ لکها مسلمان قتل ۽ شهيد ٿيا تہ انهي مخالفت جي ڪري۔ اهلبيتن جي شان ۽ نام کي ميٽڻ لاءِ ڪوڙيون حديثون ٺهيون تہ بہ انهيءَ مخالفت جي ڪري۔ اهلبيتن تي مسجدن ۽ ممبرن تي نمازن جي وقت ورهن جا وره گاريون چالو رهيون تہ بہ انهيءَ مخالفت جي ڪري۔ اهلبيتن جي صحيح طريقي کان اسلام وارن کي بدظن ڪرڻ ۽ هٽائڻ لاءِ انهيءَ طريقي جي ايجاد ڪندڙ هڪ فرضي (من گهڙت جنهنجي اصل بنياد تي نہ هجي) نالي واري ماڻهوءَ "ابن سبا" کي مشهور ڪيو ويو تہ بہ انهيءَ مخالفت جي ڪري رسول الله صلعم کي نوري ۽ حيات النبي شافع محشر وغيره ڪري نہ مڃڻ ۽ ڪين وڏي پاءِ جيتري عزت ڏيڻ وغيره لاءِ پروپئگنڊائون ڪيون پيون وڃن تہ بہ انهيءَ مخالفت جي ڪري۔ مطلب تہ جيڪو بہ ڪم خدا ۽ حضورجن جي حڪمن موجب اهلبيتن جي

طريقي سوجب ڪيو نه وڃي ان سڀ جي مخالفت ڪئي ته وڃي ان لاءِ پٽ ڏئي بادشاهه کي ڪجهه اشارو ڏيئي سمجهائي وڃو آهي ته:-

ڦريا ڏمي ڦيڻ- ڪرين ڪير نه چڪيو
دنيا ڪارڻ دين- وڃائي ولها ٿيا.

عاشق الله وارا به اسان کي کهڙي نه سنئين رستي جي تبليغ ڪري ويا آهن- ڪاش! مسلمان دنيا کي دور ڪري، تعصب وارين پروپئگنڊائن کان بچي حق جي رستي کي سمجهن ۽ ان تي هلڻ جي ڪوشش ڪن- جنهن ۾ خدا به راضي ۽ ان جو رسول صلعم به راضي ۽ دنيا ۽ آخرت جو به فاعدو- هن وقت ۾ نه بني اميه ۽ بني عباسين جون حڪومتون نه آهن جو بادشاه کي بنا دريافت جي قتل ۽ مقيد ڪرڻ جو اختيار هجي- روشني ۽ آزادي جو زمانو آهي دنيا سڀڪنهن ڳالهه ۾ ترقي ڪري رهي آهي حتيٰ ڪ راڪيٽ به تيار ٿي ويا- تارن ۽ چنڊ تي پهچڻ جون ڪوششون به ٿي رهيون آهن، مگر مسلمان ته ساڳي ڳالهه تي جا ڪين نون فرقن وارن کان ملول آهي ان تي ڪمر ڪشيو بيٺا آهن ۽ ڪابه ڪوجنا ڪرڻ پسند نه ٿا ڪن ته اسلام ۾ هيترو جو

تفرقو پئجي ويو آهي ان جو اصل ۽ صحيح ڪارڻ
ڇا آهي. افسوس! هاڻي هن ڪتاب ڪي پٽ ڏٺي
بادشاه جي هڪ بيت تي آخرين صورت ڏجي ٿي.

جـــو ملن مهڻو - موئي مون مردار
پئي لائي پنهنجي - امت جـــو آڌار
کهوڙو ۽ ذوالفقار - هوندا حيدر هٿ ۾

٢- بيو عرض تہ جناب مظلوم ڪربلا حضرت
امام حسين عليہ السلام جي ماتمداري جي برخلاف
و پئگنڊائون ۽ پوسٽر وغيره نڪري رهيا آهن. ان
لاء هڪ ڪتاب سنڌيء ۾ "مظلوم جو ماتم عرف
ثبوت مراسم در حسنيي غم" جناب مولانا قبلہ محمد
بشير صاحب جي اردو ڪتاب "ثبوت عزائي حسين"
مان تيار ڪيو ويو آهي- جنهن ۾ ثبوت تمام مدلل
۽ لاجواب ڏنل آهن. ڪتاب الڪل ٨٠ صفحن تي
مشتمل آهي جو تمام جلد ڇپجي ملندو ۽ ان جو
اعلان عنقريب اخبار پنجتني ۾ بہ ٿيندو. قيمت فقط
٣٠ پئسا (ڇهہ آنا اڳيان) رکي وئي آهي. مگر
تسيم وارن کي هڪ روپئي ۾ ٿي ڪتاب ڏنا ويندا
اميد تہ مومنين ڪرام مذهبي فرض ڄاڻي هيٺين ائڊريس
مان گهرائي پاڻ بہ پڙهن ۽ تقسيم ڪري ثواب جا
مستحق ٿين.
والسلام

ائڊريس :- معرفت استو شاه محمد مومن نصرپوري
رزي، شاهي بزار ٽنڊو الهيار- مولف :- آصف علي چڇو

هي ڪتاب پنجتني اماميہ پرنٽنگ پريس اسٽيشن
روڊ حيدرآباد ۾ مسٽر نصرالله خان جعفري ڇپيو
۽
آصف علي ولد جمون خان چنو سابق سيڪريٽري
انجمن فيض حسيني نصرپور مان پنهنجي خرچ سان
ڇپائي پڌرو ڪيو.